# سنڌي ٻولي قومي ٻولي

ڄام صنم سنڌي

Onستمبر 8, 2020




"سنڌي ٻولي قومي ٻولي" هي هڪ اهڙو نعرو آهي جيڪو سنڌ ڌرتيءَ تي رهندڙن جي اخلاقي، زميني، قومي ۽ قانوني حق ۾ شامل ٿئي ٿو "سنڌي اباڻي ٻولي منڙي اباڻي ٻولي" انهن لفظن ۾ جيڪا رس ۽ مناس ڀريل آهي اها سنڌي ٻوليءَ جي لهجي، ڳالهائڻ واري انداز، تلفظ ۽ تهذيب سان ڀريل اکرن، لفظن ۽ جملن ۾ به ليئا پائيندي نظر ايندي آهي.

حياءُ ۽ حجاب سان ڀريل هيءَ سنڌي ٻولي دنيا جي قديم، تهذيبي ۽ تاريخي ٻولي هجڻ جو اعزاز رکي ٿي، سنڌي ٻوليءَ جي حوالي سان مختلف تاريخي حوالا آهن جيئن 24 اپريل 1848 تي سنڌ ۾ سجو ڪار وهنوار سنڌيءَ ۾ هلائڻ، 7 جنوري 1850 تي سنڌيءَ کي دفتري، سرڪاري زبان بنائڻ، 6 سيپٽمبر 1851 تي سنڌي نه ايندڙ کي يعني جنهن کي سنڌي ڳالهائڻ نه ايندي اهو مقامي ماڻهو هجي يا برطانوي انگريز ان کي سرڪاري نوڪري نه ملڻ، 13 جولاءِ 1853 تي سنڌي رسم الخط کي لاڳو ڪرڻ، يا 29 آگسٽ 1857 تي انگريز سرڪار جي مقرر ڪيل ڪمشنر طرفان سنڌي ٻوليءَ کي باقاعده سرڪاري ٻولي جي حيثيت ڏيڻ وارا حڪم ناما جاري ڪيا ويا.

مٿيان سڀ حڪم ناما سنڌي ٻوليءَ جي اهميت کي اجاگر ڪندي انهيءَ ڳالهه جي ثبوت لاءِ ڪافي آهن ته هر سرزمين تي ٻولي اها ئي رائج هوندي آهي جيڪا اتان جي رهواسين جي اصلي زبان/ٻولي هوندي آهي انگريزن سنڌ ۾ سنڌي نه ايندڙ کي نوڪرين لاءِ Disqualified نااهل قرار ڏنو هو، اڄ سنڌي ٻوليءَ جو ڏهاڙو ته ڪونهي پر سنڌ ۾ سوين غير سنڌين ۽ غير مقامي ماڻهن

ڪي نوڪريون ڪندي، ملڪيتون ۽ جائدادون ناهيندي، حڪم هلائيندي ۽ حڪمرانيون ڪندي ڏسي مونکي شدت سان انگريز سرڪار جو نااهل قرار ڏيڻ وارو قانون ياد اچي رهيو آهي ڇو ته اسان سنڌين سنڌي ٻوليءَ لاءِ ايترو ڪم ناهي ڪيو جيترو انگريزن هن منڙي ٻوليءَ ڪي مان، اهميت ۽ هٿي ڏني.

اڄ سڄي سنڌ جي ننڍن وڏن ۽ اهم عهدن تي ٻين ٻولين وارا طوطا ويهي اسان اصل ڌرتيءَ ڌڻين ڪي پٽيون پڙهائي رهيا آهن جن ڪي پنجاهه سالن ۾ ”جهه، ڄ ۽ ڏ“ چوڻ نه اچي سگهيو آهي اهي اڄ قديمي ٻوليءَ وارن جي وطن جي وحدت تي وار ڪري انهيءَ صوبي ڪي حصن ۾ ورهائڻ جون وايون ڪدي رهيا آهن جيڪا ڌرتي آزادي ۽ خودمختياري جي حوالي سان هزارين سالن ڪان رياست طور مشهور رهي آهي پر اهو چوندي افسوس ٿي رهيو آهي ته ان مثالي امن پرست ۽ ايجادن جي ڌرتيءَ جا وارث سنڌي اسين خود به پنهنجي ٻوليءَ ڪي اهميت ڏيڻ وساري چڪا آهيون، جڏهن قوم پنهنجي تهذيب، ثقافت، تمدن، روايتن ۽ ٻوليءَ ڪي وسارڻ لڳي ته پوءِ ڌرتي غيرن جي اک ۾ ايندي ۽ داءَ تي لڳندي دير ناهي ٿيندي ڇو ته تهذيب، تاريخ، ثقافت ۽ ٻولي قوم ڪي جوڙي رکڻ ۽ متحد ڪرڻ ۾ زنجير جو ڪردار ادا ڪندي آهي، اسان جي سنڌين جي اڪثريت پڙهائيءَ جو بهانو بنائي اردو ۽ انگريزيءَ ڪي اوليت ڏيندي ٿي رهي، عالمي ٻوليون سکڻ ڪو ڏوهه ناهي پر پنهنجي ٻوليءَ ڪي وسارڻ يا بگاڙڻ ڏوهه ضرور آهي، ٻين ٻولين ڪي پلي سڪجي پر ضرورت سمجهي جڏهن ته اباڻي يا مادري ٻولي ضرورت ناهي هوندي بلڪ اها بقا جو سبب، سڃاڻ ۽ جيئڻ جو محرڪ هوندي آهي، سڃاڻپ جو سرچشمو هوندي آهي وڏن شهرن ۾ سنڌي ڳالهائيندڙن جو لهجو ۽ تلفظ ٻڌي:

”الا ايئن مَ ٿئي، جو ڪتابن ۾ پڙهجي،

ته هئي سنڌ ۽ سنڌ وارن جي ٻولي!

واري المناڪ سوچ ۽ درد ورائي ايندو آهي، اڪثر نوجوان ڇوڪرا ۽ ڇوڪريون ته سعيو ڪري ٻوليءَ ڪي بگاڙڻ واري اسٽائيل ڪي فيشن سمجهي اهڙي انداز سان ڳالهائيندي نظر ايندا جو پٺائيءَ جي ٻولي پار ڪدي روئيندي هوندي جنهن ڪي ڏسي ايندڙ نسل جا ننڍڙا ٻار به انهي ٻوليءَ جي خار واري رواج ڪي اپنائي رهيا آهن.

جيڪڏهن پنهنجي ٻوليءَ ڏانهن اسان جي اها ئي بي توجهي رهي ته ”سنڌي ٻولي قومي ٻولي“ فقط نعرن تائين ئي محدود رهجي ويندي ٻولي رڳو اسيمبليءَ مان بلن پاس ٿيڻ سان امر ناهي ٿيندي بلڪ انهن تي عمل ڪرائڻ، اسيمبليءَ جي ڪاروائي سنڌيءَ ۾ هلائڻ، گهٽيون اخبارون

۽ چينل پنهنجي ٻوليءَ ۾ ڪڍڻ، تاريخي ماڳن، روڊن، رستن، سرڪاري عمارتن ۽ هر سائن بورڊن، گهر جي سجاڻ تختين (Name Plates) کي سنڌيءَ ۾ لکڻ، سرڪاري لک پڙهه سنڌيءَ ۾ ڪرڻ، تعليم سنڌيءَ ۾ هجڻ، سنڌي لکڻ، پڙهڻ ۽ ڳالهائڻ لازمي قرار ڏيڻ، گهرن ۾ نج سنڌي ڳالهائي ننڍڙن ٻارن کي پنهنجي ٻولي لازمي سيکارڻ چو ته ان سان سنڌي ٻوليءَ جو بنياد مضبوط ٿيندو، ڏيتي ليتي، خريد ۽ وڪري، دڪانداري يا واپار مهل پنهنجي ٻوليءَ جو استعمال اوس ڪرڻ سان اسين سنڌي ٻوليءَ کي صدين جي جلا بخشي جيئاري ”سنڌي ٻولي قومي ٻولي“ جو درجو ڏياري سگهون ٿا چو ته هينئر سنڌ لاءِ جيترا واڳون ۽ ويري نظر اچي رهيا آهن ته وقت ۽ حالتون اسان کان اها ئي تقاضا ڪري رهيا آهن ته اسين پنهنجي ٻوليءَ کي رڳو پڌر نامن، حڪم نامن ۽ ڪاغذي اعلانن تائين قيد نه رکون بلڪ اباڻي ٻوليءَ کي اولين درجو ڏئي هر گهر، گهٽي، آفيس، عمارت، وات ۽ وائيءَ جي زينت بنائي سنڌ امڙ جو حق ادا ڪندي ”سنڌي ٻولي قومي ٻولي“ جي عملي ۽ حقيقي گونج کي ٻيهر جياريون.